( ڪـــل - ٣٨ )



## انَ جو اُتم دان - بابا جو ھاڻ ڀوڄن تيار ڪرڻ ۽ ورھائڻ- ڇاڇ جو پيالو

مانو ڌرم شاستر ۾، ڀن ڀن يگن جون ڀن ڀن ساڌنائون ٻڌايون ويئون آھن. ستجگ ۾ تپ، ترينا ۾ گيان، دواپر ۾ يگيہ، ڪلجگ ۾ دان جو مھاتم ڪٿن ڪيل آھي. سيني دانن ۾ شريشٽ دان وري انَ جو دان آھي. منجھند جي وقت، جي ڀوڄن نہ ملندو آھي تہ سرير وچاٽ يعني وياڪل ٿي ويندو آھي. ان ڪري، ڌر تي آتل بکشڪ کي انَ دان ڏيڻ تمام اُتم دان آھي.

تيتريہ اُپنشد ۾ لکيل آھي تہ ”انَ ئي برھم آھي ۽ انَ سان ئي سيني پراڻين جي اُتپتي ٿئي ٿي ۽ زنده رھي سگھجي ٿو ۽ موت بعد ڀڻ انَ ۾ ئي سمائجي ٿا وڃون. ان ڪري ٻن پھرن مھل، ڪو بہ اُتٿي يا مزمان اسان جي گھر ۾ اچي تہ اسانجو ڌرم آھي، ھن کي آدر سان ڀوڄن ڪرايون. ڌن، وستر ۽ زمين دان ڪرڻ مھل، اسان کي لائق ماڻھوءَ جو خيال ڪرڻ

ڪپي، ليڪن اُن دان ڪرڻ مهل، ويچار ڪرڻ جي ڪا به ضرورت ڪانهي.

لوُلن، لنگڙن ۽ بيمار بيڪارن جو ويچار رکڻو آهي ۽ ٻيو ۽ جن کي همت پير آهن تن جو ويچار رکڻ گهرجي. جن کي همت پير ناهن، تن جو حق اول نمبر ۾ آهي. اُن دان ڪانسواءِ، ٻيا اُن اهڙا اَپُورڻ آهن، جهڙو چندرما بنا تارا، هيري بنا هار، ڪلس بنا مندر، ڪمل گل بنا تلاءُ، ڀڳتي بنا ڀڄن، سندر بنا سهاڳ، مڌر آواز بنا گانو، پاڻي بنا کوهه، کير بنا ڳانءِ، ديپڪ بنا مندر، ۽ لوڻ بنا ڀڪوان. باباجن ائين سوچي ويچاري يوجنا تيار ڪري وراهيندا هئا.

(٣) باباجن پاڻ اَلپ آهاري هئا ۽ ٻڪشا مان مليل آهار مان فقط ٻه گرهه کائيندا هئا. ٻيو جڏهن ساري سنگت کي يوجنا ڪارائڻ جو خيال ٿيندو هو، تڏهن شروعات ڪان وٺي اَنت تائين پاڻ ئي بندوبست رکندا هئا. عام لنگر جو ڪم، ٻين جي آسري تي ڪونه ڇڏيندا هئا ۽ هرويرو ڪنهن کي ڪشٽ ڏيڻ نه چاهيندا هئا. لنگر لاءِ سيڌو سامان، ڀاڄيون، مصالح، ڪپڙو وغيره پاڻ روبرو بازار ۾ وڃي، نقد ناڻو ڏئي خريد ڪري ايندا هئا. ايتري قدر، جو اَناج پيسائڻ جو ڪم به خود پاڻ ڪندا هئا.

مسجد جي اَڱڻ ۾ هڪ ڀٺي تيار ڪري، ڀاهه ٻاري

اُن تي ديڳ چاڙهي، اُن ۾ گهربل پاڻي وجهندا هئا. وڏيءَ ديڳ ۾ پنج سؤ ماڻهن جو ۽ ننڍيءَ ديڳ ۾ (۱۰۰) ڄڻن جو ڀوڄن تيار ٿي سگهندو هو. ڪڏهن مٺا چانور ۽ ڪڏهن گوشت جو پلاءُ به تيار ڪندا هئا ته ڪڏهن دال ۽ مڱڪلي به ناهيندا هئا. پٿر جي شلا تي مصالح سنهو پيهي، ديڳ ۾ وجهندا هئا، اِنهي خيال کان ته ڄڻ ڀوڄن سيني کي وڻي. جُوئر جي اَٽي کي پاڻيءَ ۾ اوٻاري، اَن ۾ ڇاڇ (لسي) ملائي ”انبل“ ناهيندا هئا ۽ ڀوڄن سان گڏوگڏ انبل به سيني کي هڪ جيترو ڏيندا هئا. ڀوڄن کي پورو دم اچي، تنهن لاءِ ٻاڻ ڪفنيءَ جون ٻانهون مٿي ڪنجي، گرم ديڳ ۾ هٿ وجهي، چوڏاري گهمائيندا هئا، تڏهن به ڪين، نه گرم ٻاڦ جو اثر ٿيندو ۽ نه منهن تي ٿڪاوٽ جي نشاني ڏسڻ ۾ ايندي هئي! جڏهن ڀوڄن تيار ٿي ويندو هو، تڏهن ٻوڙن گهرائي، مولويءَ کان فاتح پڙهائي، مهالساپنت ۽ تاتيا پاٽيل لاءِ حصو ڪڍي، پوءِ آيل سنگت کي کارائي، باقي غريبن ۽ اَناٿن کي کارائي ترپت ڪرائيندا هئا. ڌنيه آهن اهي ڀاڳيه شالي ماڻهو، جن کي ٻاٻاجن جي هٿ جو ٺهيل ڀوڄن کائڻ لاءِ مليو.

هتي سوال ٿو اُٿي ته پلاءُ ۾ گوشت، ويشنوُ ڀڳتن کي به ڏنو ويندو هو ڇا؟ جواب آهي ته ماس آهارين

ڪـي ڏار ۽ ويشٺو پڪتن ۾ ورهائڻ وارا الڳ هوندا هئا. جنهن ڪنهن جي دل ۾ ٻچان پيدا نه ٿئي. ماس ورهائڻ وارا، ويشٺو يوڄن جـي برتن کي اصل هـٿ ڪين لائيندا هئا.

(٣) هڪ ٻيائن نيم اِهو به آهي ته جيڪڏهن گورو. طرفان پرساد ورهايو وڃي ۽ شش کي اُن لـي شنڪا پيدا ٿئي، ته شش پنهنجي گورو ڌرم کان پتت ٿيندو. شش جي پريکيا وٺڻ لاءِ ايڪادشيءَ جي ڏينهن، دادا ڪيلڪر کي باباجن، ڪي روپيا ڏيئي چيو ته ”گوشت خريد ڪري اَچ.“ دادا ڪيلڪر پوُرن ڪرم ڪانڊي ۽ ڪٽر ويشٺو هو ۽ سڀ نيم پاليندو هو، هن جي اِها درپ پاونا هئي ته گورو جـي ڪهڙي به آگيا يڪدم پالڻ ڪرڻ ۾، گورو جي پرسنتا پراپت ڪري سگهبي ۽ آگيا ميڄڻ گويا د ڪشنا ڏيڻ آهي.

دادا ڪيلڪر جلدي ڪپڙا پائي بازار وڃڻ لاءِ تيار ٿيو، ته بابا کيس واپس گهرائي چيو ته ”تون خود نه وڃ، ڪنهن ٻئي کي موڪل ته وٺي اَچي.“ اِن تـي دادا پنهنجي نـوڪر پانڊوءَ کي گوشت وٺڻ لاءِ موڪليو. نوڪر کي ويندو ڏسي، بابا اُن کي بہ واپس گهرائي ورتو ۽ گوشت گهرائڻ جو ڪم مهمل ڪري ڇڏيو.

(٤) ٻئي هڪ موقعي تي، بـاباجن، دادا ڪيلڪر کان پڇيو ته ”وڃي ڏس ته نمڪين پلاءُ پوُري طرح

رڏو آهي يا نه؟“ دادا ٻنا وڇڻ جي يڪدم جواب ڏنو ته ”بلڪل ٺيڪ رڏو آهي.“ اُن تي بابا چيو ته ”تو نه اکين سان ڏٺو ۽ نه زبان سان چکي ڏٺو، پوءِ ڪيئن ٿو چوين ته پلاءُ بلڪل ٺيڪ ٺهيو آهي. ديگ مٿان يڪڙو پاسيرو ڪري ڏس ته سهي.“ ائين چئي، سندس ٻانهن کي، ديگ ۾ وجهي چيائون ”مٿي چڙي، هٿ سان ڪجهه ڪڍي پوءِ چپاڙي ٻڌاءِ ته ڪئن ٺهيو آهي.“ دادا حڪم مڃي جئن وات ۾ ٿي وڌو ته بابا روڪي چيس ته ”تون پرڪشا ۾ پاس آهين.“ حقيقت ۾ ڪوبه گورو يا ست، پنهنجي ڪم ڪانڊي ششيه کان، هن جي خيالن جي برخلاف زوريءَ ڪم ڪرائي، پنهنجي آڪيرتي (ڪلا) ڪين ڪرائيندو.

ديگين چاڙهڻ جو ڪاريه ڪرم ١٩١٠ع کان پوءِ بند ڪيو ويو هو ته ڀڳت داس گٺوءَ جي، شهران شهر ڪيرتن ڪرڻ ڪري، باباجن جو نالو اُهڙو پرسڌ ٿي ويو، جو ماڻهن جون ٽولين پٺيان ٽوليون شردڌيءَ ۾ اينديون رهنديون هيون ۽ پاڻ سان ڦل ڦول ۽ مٺايون اپتريون کڻي اينديون هيون، جو غريبن اناٿن ۾ چڱي طرح ورهائڻ کانپوءِ به بچي پونديون هيون.

ڀڳت ڳڻ نانا پرڪارن جا پرساد ٿالهين ۾ وجهي پڙدي جي اندر وڃي رکندا هئا. آرتي سماپت ٿيڻ کانپوءِ اُدي ڀڳت جي آشيرواد وٺي موٽي ويندا هئا

ڪنيون ڪـري، اسان جـي آمرت پـان ڪرڻ لاء ڇڏي ويو.

ڪي شخص باباجن ڪي، پنهنجي ڪلپنا موجب براهمڻ ڪري سڏيندا هئا ۽ ڪي ڪيس مسلمان ڪري ڪوٺيندا هئا. مگر باباجن ٻنهي کان مٿي هئا. هو ايشور جي جاسـ ياسـ جا هئا ۽ اُنـ ڳالهين کنهن کي بہ پتو ڪين پئجي سگهيو تہ سندن مائـاپتا ڪيـر هئا ۽ سندن ڪٿ کهڙو هو. ڀر جي مسلمان هئا تہ مسجد ۾ سدائين ڌوڻي دکائي وهڻ، تلسيءَ جا ٻوٽا لڳائڻ، شنک نـاد گهڙيال ۽ ٻيا ساز وڄائي، ڪيرتن ڪرڻ ۽ ٻيون پوڄائون ڪرڻ جي موڪل ڪئن ڏين ها! سندن ڪن، هندن وانگي ٽوپيل هئا ۽ جهولن مندرن جي مرامت ڪرائڻ جو ڪم پڻ پاڻ ڪري ڪرايائون! هندن جي ديون ۽ ديوتائن جي مورتن يا بتن جي بي آدبي ڪڏهن بہ ڪين ڪرڻ ڏنائون!!

هڪ ڀيري نانـا صاحب چندورڪر پنهنجي ساڍو (سنڍو) شري ٻنيوالي سان گڏ شرڊيءَ ۾ آيو ۽ مسجد ۾ اچي باباجن سان وارتالاپ ڪرڻ ويٺو تہ باباجن اوچتو جوش ۾ اچي چيس تہ "تون منهنجي "سانڍو" ۾ گهڻي وقت کان هن نموني چـو هلت ڪري رهيو آهين؟" نانا صاحب سمجهي ڪين سگهيو تہ ان جـو مطلب ڇا آهي ۽ هٿ جوڙي چيائين تہ "ڪرپا ڪري،

منهنجي اَپراد (ڏوهه) کان مونکي واقف ڪرايو."

باباجن اُنهن ڏنو ته "تون ڀيرين ڪوپرگانو ۾ آئين، پوءِ شرڊيءَ ۾ ڪئين اچي پهتين؟" نانا صاحب کي پنهنجي غلطي يڪدم ياد اچي ويئي. هن جو نيم هو ته شرڊيءَ ۾ اچڻ کان اڳ، ڪوپرگانو ۾ گوداوري نديءَ جي ڪناري تي شري دت جي پوڄا ڪندو هو. پر هن ڀيري، ديوتي وچڻ سبب، شري دت جي پوڄا جو نيم اُلنگهن ڪري، سڌو شرڊيءَ ۾ هليو آيو هو. هن پنهنجو ڏوهه قبول ڪيو ۽ چيائين ته "گوداوري نديءَ ۾ سنان ڪرڻ مهل، ڀيرو ۾ هڪ ڪنڊي جي چڀڻ وچڻ ڪري، ڏاڍو سور هوم." باباجن چيس ته "توکي اها ٿوري سزا ملي آهي. آئينده هه پنهنجي نيم ٽوڙڻ کان ساوڌان رهجِ ۽ اول پوڄا جو نيم پورو ڪري پوءِ ٻئي پاسي وڃج. اول ڌرم پوءِ ڪرم."